# استغفار جون فضيلتون

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت بركاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **استغفار جون فضيلتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

## مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”مدني پنج سوره“ مان ورتل رسالو

# استغفار جون فضيلتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

استغفار جون فضيلتون ........ 1
فرمان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........ 1
”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت ........ 1
سان استغفار ڪرڻ جون 5 فضيلتون ........ 1
﴿1﴾ دلين جي زَنگ جي صفائي ........ 1
﴿2﴾ پريشانين ۽ تنگي کان نجات ........ 2
﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمال نامو ........ 2
﴿4﴾ خوش خبري! ........ 2
﴿5﴾ سيد الاستغفار پڙهڻ واري جي لاءِ جنت جي بشارت ........ 3
”وَاحِد“ جي چار اکرن جي نسبت سان ڪلمه طيبه جون 4 فضيلتون ........ 3
﴿1﴾ خوش نصيب ڪير؟ ........ 3
﴿2﴾ افضل ذڪر ۽ دعا ........ 4
﴿3﴾ آسمانن جا دروازا کُلي ويندا آهن ........ 4
﴿4﴾ تجديد ايمان ........ 4
”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ........ 5
”سُبۡحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ“ پڙهڻ جون 3 فضيلتون ........ 5
﴿1﴾ گناھ مٽايا ويندا آهن ........ 5
﴿2﴾ سون جو جبل خيرات ڪرڻ جو ثواب ........ 5

﴿3﴾ جنت ۾ ڪجهيءَ جو وڻ ............................. 5
”آقا“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ............................. 6
”لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ پڙهڻ جون 3 فضيلتون ..................... 6
﴿1﴾ جنت جو دروازو ............................. 6
﴿2﴾ 99 بيمارين جي لاءِ دوا ............................. 6
﴿3﴾ نعمت جي حفاظت جو نُسخو ............................. 6
سُجاڳ ٿيڻ مهل جا 3 ورد ............................. 7
”يا خدا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان صبح ۽ شام جا 5 ذڪر .......... 8
”اَحَد“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ............................. 10
ڪلمهءِ توحيد جون 3 فضيلتون ............................. 10
ايمان تي خاتمي جا چار ورد ............................. 11
گناهن جي بخشش ............................. 12
چار ڪروڙ نيڪيون ڪمايو ............................. 12
شيطان کان بچڻ جو عمل ............................. 12
غيبت کان بچڻ جو مدني نسخو ............................. 13
پنج مدني گل ............................. 13
جادو ۽ بلائن (آفتن) کان حفاظت لاءِ شش قفل (ڇهه تالا) .............. 14
قفل اول ............................. 14
قفل دوم ............................. 14
قفل سوم ............................. 14

قفل چھارم ........................................ 15
قفل پنجم ........................................ 15
قفل ششم ........................................ 15
نماز کانپوءِ پڑھيا ويندڙ ورد ................................ 15
﴿5﴾ ھر نماز کانپوءِ پيشانيءَ جي اڳين حصي تي ھٿ رکي پڙھي:......... 17
منتن ۾ چار پيرا ختم قرآن پاڪ جو ثواب ........................ 19
شيطان کان محفوظ رھڻ جو عمل ................................ 19

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

”هي مضمون ڪتاب “مدني پنج سوره” صفحو 139 کان 161 تان ورتو ويو آهي“

# استغفار جون فضيلتون

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو استغفار جون فضيلتون پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي تنهنجي رضا جي لاءِ گهٽي کان گهٽو ذِڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.
اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## فرمان آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مون کي سُوار جي پيالي وانگر نہ بڻايو جو سوار پنهنجي پيالي کي پاڻي سان پريندو آهي پوءِ ان کي رکندو آهي ۽ سامان کڻندو آهي، پوءِ جڏهن ان کي پاڻي جي حاجت هوندي آهي تہ ان کي پيئندو آهي، وُضو ڪندو آهي نہ تہ ان کي اڇلي ڇڏيندو آهي، پر مون کي توهان پنهنجي دعا جي اوّل ۽ آخر ۽ وچ ۾ ياد رکو. (مجمع الزوائد، 239/10، حديث: 17256)

خدایا واسِطہ میٹھے نبی کا شَرَف عطار کو حج کا عطا ہو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت

## سان استغفار ڪرڻ جون 5 فضيلتون

### ﴿1﴾ دلين جي زَنگ جي صفائي

حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ خاتم النبيّن، محبوبِ

رب العٰلمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: بيشڪ لوهہ وانگر دِلين کي بہ زَنگ لڳي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جِلاء (يعني صفائي) استغفار آهي. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 346، حديث 17575)

## ﴿2﴾ پريشانين ۽ تنگي کان نجات

حضرت عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ محبوبِ رب ذوالجلال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان دلنشين آهي: جنهن استغفار کي پاڻ مٿان لازم ڪري ورتو، الله پاڪ ان جي هر پريشاني دُور فرمائيندو ۽ هر تنگيءَ کان کيس راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتان کيس گمان بہ نہ هوندو“. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3819)

## ﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمال نامو

حضرت زبير بن عوام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي مکرم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُسرت نشان آهي: جيڪو ان ڳالهہ کي پسند ڪري ٿو تہ سندس اعمال نامو کيس خوش ڪري تنهن کي گهرجي تہ ان ۾ استغفار جو اضافو ڪري.

(مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 347، حديث 17579)

## ﴿4﴾ خوش خبري!

حضرت عبد الله بن بُسر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو پنهنجي اعمال نامي ۾ استغفار جي ڪثرت کي ماڻي. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3818)

## ﴿5﴾ سيد الاستغفار پڙهڻ واري جي لاءِ جنت جي بشارت

حضرت شداد بن اَوس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ خاتم المرسلين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ هي ”سَیِّدُ الْاِسْتِغْفَار“ آهي.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ خَلَقْتَنِیْ وَاَنَا عَبْدُكَ وَاَنَا عَلٰی عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَیَّ وَاَبُوْءُ بِذَنْبِیْ فَاغْفِرْلِیْ فَاِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ[1]

جنهن هن کي ڏينهن جي وقت ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ انهيءَ ڏينهن شام ٿيڻ کان پهريان سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي ۽ جنهن رات جي وقت هن کي ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي. (بخاری، 190/4، حديث: 6306)

## ”وَاحِد“ جي چار اکرن جي نسبت سان
## کلمہ طيبہ جون 4 فضيلتون

## ﴿1﴾ خوش نصيب ڪير؟

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي انهن عرض ڪيو: يارسول

---

ترجمو: ”اي الله پاڪ! تون منهنجو رب آهين، توکان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، تو مُونکي پيدا ڪيو، مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ وَس آهر تُنهنجي عَهد و پيمان (واعدي) تي قائم آهيان مان پنهنجي (بُري) اعمال جي شر (فتني) کان تُنهنجي پناهہ گهران ٿو، تنهنجي جيڪا مون تي نعمت آهي انهيءَ جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪريان ٿو، منهنجي بخشش فرماءِ جو تو کان سواءِ ڪوبہ گناهہ بخشي نٿو سگهي.“

الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن اوهان جي شفاعت کان فيضياب ٿيڻ وارا خوش نصيب ماڻهو ڪير هوندا؟ فرمايائون: ”**اي ابوهريره**! منهنجو خيال اهو ئي هو تہ توکان پهريان مون کان اها ڳالهہ ڪير بہ نہ پڇندو ڇو تہ مان حديث ٻڌڻ جي معاملي ۾ تنهنجي زياده چاهت کي ڄاڻان ٿو، قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻڻ وارو خوش نصيب اُهو هوندو جيڪو دل جي سچائيءَ سان لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوندو.“ (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 53، حديث 99)

## ﴿2﴾ افضل ذڪر ۽ دعا

حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: سڀ کان افضل ذڪر ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ آهي ۽ سڀ کان افضل دعا ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ آهي. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 248، حديث 3800)

## ﴿3﴾ آسمانن جا دروازا کُلي ويندا آهن

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن بانهي اخلاص (**سچائي**) سان ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ چيو تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن، ايستائين جو اهو عرش تائين پُهچي ويندو آهي جڏهن تہ ڪبيره گناهن کان بچندو رهي.“ (سنن الترمذي، ج. 5، ص. 340، حديث 3601)

## ﴿4﴾ تجديد ايمان

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ اسلام جي سڀ کان وڏي مبلغ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پنهنجي ايمان جي تجديد ڪري وٺندا ڪريو. عرض ڪيو ويو يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

اسين پنهنجي ايمان جي تجديد ڪيئن ڪندا ڪريون؟ فرمايائون: ”لَاۤاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ“ ڪثرت سان پڙهندا ڪريو. (مسند امام احمد بن حنبل، ج. 3، ص. 281، حديث 8718)

## ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان

## ”سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ“ پڙهڻ جون 3 فضيلتون

### ﴿1﴾ گناهه مٽايا ويندا آهن

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مغفرت نشان آهي: جيڪو سؤ ڀيرا ”سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ“ پڙهندو آهي ان جا گناهه مٽايا ويندا آهن جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن. (سنن الترمذي، ج. 5، ص. 287، حديث 3477)

### ﴿2﴾ سون جو جبل خيرات ڪرڻ جو ثواب

حضرت ابواُمامه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن جي لاءِ رات جو، عبادت ڪرڻ ڏکيو ڪم هجي يا هُو پنهنجو مال خرچ ڪرڻ ۾ بُخل (**ڪنجُوسي**) کان ڪم وٺندو هجي يا دشمن سان جهاد ڪرڻ کان ڊڄندو هجي ته اُهو ”سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ“ ڪثرت سان پڙهندو ڪري ڇو ته ائين ڪرڻ الله پاڪ کي پنهنجي راهه ۾ جبل جيترو سون خيرات ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي.“ (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 112، حديث 16876)

### ﴿3﴾ جنت ۾ کجيءَ جو وڻ

حضرت عبد الله بن عمرو رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ”سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ“ پڙهندو آهي ان جي لاءِ جنّت ۾ ڪجي جو هڪ وڻ لڳايو ويندو آهي. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 111، حديث 16875)

## ”آقا“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ”لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ پڙهڻ جون 3 فضيلتون

## ﴿1﴾ جنت جو دروازو

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا مان توهان کي جنّت جي دروازن مان هڪ دروازي جي باري ۾ نہ ٻڌايان؟ عرض ڪيو ويو: اهو ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: ”لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 118، حديث 16897)

## ﴿2﴾ 99 بيمارين جي لاءِ دوا

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ”لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ چيو تہ هي (ان جي لاءِ) 99 بيمارين جي دوا آهي، انهن مان سڀني کان هلڪي بيماري رَنج الم (يعني ڏک) آهي. (الترغيب و الترهيب، ج. 2، ص. 285، حديث 2448)

## ﴿3﴾ نعمت جي حفاظت جو نُسخو

حضرت عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي رحمت واري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن کي الله پاڪ ڪا نعمت عطا فرمائي پوءِ اهو پاڻهو ان نعمت کي باقي رکڻ چاهيندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ ”لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ جي ڪثرت ڪري.

(معجم ڪبير، ج. 17، ص. 311، حديث 859)

## سُجاڳ ٿيڻ مهل جا 3 ورد

﴿1﴾ **حضرت** عباده بن صامت رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جـن فرمايو ته جنهن ننڊ کان سُجاڳ ٿي ڪري چيو:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَ لَهُ الۡحَمۡدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ط

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ سُبۡحَانَ اللّٰهِ وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكۡبَرُ وَ لَا حَوۡلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ[1]

پوءِ ”اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلِىۡ“ چيائين يا ڪا به دعا گهريائين ته ان ڪي قبول ڪيو ويندو پوءِ جيڪڏهن وضو ڪيائين ۽ نماز پڙهيائين ته سندس نماز قبول ڪئي ويندي. (صحيح بخاري، ج. 1، ص. 391، حديث 1154)

﴿2﴾ **حضرت** عبدالله بن عَمرو رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ وقت

بِسۡمِ اللّٰهِ، سُبۡحَانَ اللّٰهِ، اٰمَنۡتُ بِاللّٰهِ وَ كَفَرۡتُ بِالۡجِبۡتِ وَ الطَّاغُوۡتِ

(ترجمو: الله جي نالي سان، الله پاڪ آهي، مون الله تي ايمان آندو ۽ بت ۽ شيطان کان منڪر ٿيس)

ڏهه ڏهه ڀيرا پڙهيو ته هر ان گناهه کان بچايو ويندو جنهن جو ڪيس ڏپ هوندو ڪوبه گناهه وٽس ڪونه پهچي سگهندو. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 174، حديث 17060)

﴿3﴾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡۤ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَاۤ اَمَاتَنَا وَ اِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ

---

[1] ترجمو: الله کانسواءِ ڪوبه معبود ناهي، هو اڪيلو آهي سندس ڪوبه شريڪ ناهي. انهيءَ جي بادشاهي آهي ۽ انهيءَ جي واکاڻ ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو تمام خوبيون الله جي ئي لاءِ آهن ۽ الله پاڪ آهي ۽ الله کان سواءِ ڪوبه معبود ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي ۽ گناهه کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت الله پاڪ جي طرفان ئي حاصل ٿيندي آهي.

(ترجمو: تمام تعريفون الله پاڪ لاءِ آهن جنهن اسان کي موت (ننڊ) کان پوءِ حيات (سجاڳي) عطا فرمائي ۽ اسان کي انهيءَ ڏانهن موٽڻو آهي.

(صحيح بخاري، ج. 4، ص. 192، حديث 6312)

## ”يا خدا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان صبح ۽ شام جا 5 ذڪر

﴿1﴾ **حضرت** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ هڪ شخص بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون اھڙو وڇون کڌهن بہ ناهي ڏٺو جنهن مونکي گذريل رات ڏنگيو. پوءِ حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان شام جي وقت:

اَعُوۡذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ

(**ترجمو**: مان الله پاڪ جي پُوري ۽ ڪامل ڪلمات سان مخلوق جي شر کان پناهہ گهران ٿو.)

جونہ پڙهي ورتو جو وڇون اوهان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائي ها.

(صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 180، حديث 1016)

(هتي مخلوق مان مراد اها مخلوق آهي جنهن کان شر ٿي سگهي)

﴿2﴾ **حضرت** ابان بن عثمان رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا هي پڙهندو تہ کيس ڪابہ شيءِ نقصان پهچائي نہ سگهندي.

”بِسۡمِ اللهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ“

(ترجمو: ”الله جي نالي سان جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابہ شيءِ نقصان نہ ٿي پُهچائي سگهي ۽ اهو ئي ٻُڌندو، ڄاڻندو آهي.)

(سنن ترمذي، ج. 5، ص. 251، حديث 3399)

﴿3﴾ **حضرت** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا، الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن صبح ۽ شام سؤ پيرا ”سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِہٖ“ پڙهيو قيامت جي ڏينهن، ان کان افضل عمل ڪٽي اچڻ وارو ڪوئي نہ هوندو پر اهو جيڪو ان وانگر چئي يا ان کان وڌيڪ پڙهي.

(صحيح مسلم، ص. 1445، حديث 2692)

﴿4﴾ **حضرت** ابودرداء رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا، جنهن صبح شام **ست ست** پيرا پڙهيو:

”حَسْبِیَ اللهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ“

(ترجمو: ”مونکي الله ڪافي آهي، الله کانسواءِ ڪنهن جي بندگي ناهي مون انهيءَ تي ڀروسو ڪيو، هُو وڏي عرش جو مالڪ آهي.“) **الله پاڪ** ان جي تمام پريشانين ۾ ڪفايت ڪندو. (سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 416، حديث 5081)

﴿5﴾ **حضرت** مُنَيْذِر رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا تہ مون نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو صبح جي وقت هي پڙهي:

”رَضِيْتُ بِاللهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا“

(ترجمو: **مان الله جي رب هئڻ ۽ اسلام جي دين هئڻ ۽ حضرت محمد** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي نبي هئڻ تي راضي آهيان**) تہ مان ان کي پنهنجي هٿ سان پڪڙي جنّت ۾ داخل ڪرڻ جي ضمانت ڏيان ٿو. (مجمع الزوائد، 157/10، حديث: 17005)

## ”اَحَد“جي ٽن اکرن جي نسبت سان
## ڪلمۂ توحيد جون 3 فضيلتون

﴿1﴾ **حضـــرت** ابوامامہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کـان روايـت آهـي مصـطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو جنهن:

”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ“

ترجمـو: ”الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، هـو اڪيلو آهـي، سندس ڪوبہ شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ آهي بادشاهي ۽ انهيءَ لاءِ واکاڻ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.“

چيو تہ ان ڪلمي کان ڪوبہ عمل اڳتي وڌي نہ سگهندو ۽ ان سان گڏ ڪوبہ گناھ باقي نہ رهندو. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 94، حديث 16824)

﴿2﴾ **حضرت** عَمرو بن شُعيب رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا پنهنجي والد جي واسطي سان پنهنجي ڏاڏا سائين کان روايت کـن ٿا تہ مصطفي جان رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بهترين دعا يوم عرفہ جي دعا آهي ۽ سڀ کان بهتر ڪلمو جيڪو مون ۽ مون کان اڳئين نبين عَلَیْہِمُ السَّلَام چيو (**اهو هي آهي**)

”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ“

(ترمذي، ج. 5، ص. 339، حديث 3596)

﴿3﴾ **حضرت** بَراء بن عازب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن چاندي يا کير خيرات ڪيو يا انڌي کي رستو ٻڌايو تہ اهو هڪ غلام آزاد ڪرڻ جيان آهي ۽ جنهن:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ
چيو تہ اهو بہ هڪ غلام آزاد ڪرڻ وانگر آهي. (مسند امام احمد بن حنبل، ج. 6، ص. 408، حديث: 18541)

## ايمان تي خاتمي جا چار ورد

**هڪ** شخص بارگاهِ اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ۾ حاضر ٿي ايمان تي خير سان خاتمي جي دعا جو طالب ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ان لاءِ دعا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ **(روزانو)** 41 ڀيرا صبح جو ”يَاحَيُّ يَاقَيُّومُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ“ **(اي هميشہ زنده رهڻ وارا! اي هميشہ قائم رهڻ وارا! ڪوبہ معبود ڪونهي پر ٿون)** **اول ۽ آخر** درود شريف (پڙهي) ۽ پڻ ﴿2﴾ سمهڻ مهل پنهنجي سمورن وظيفن کان پوءِ **سوره ڪافرون** روزانو پڙهندا ڪريو تنهن کانپوءِ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندا ڪريو. ها جيڪڏهن ضرورت پئي تہ ڪلام ڪرڻ کانپوءِ وري سوره ڪافرون تلاوت ڪري ونو جو خاتمو انهيءَ تي ٿئي. اِنْ شَآءَاللّٰه خاتمو ايمان تي ٿي ويندو. ۽ ﴿3﴾ ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام هن دُعا جو ورد رکو: ”اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ نُّشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَّعْلَمُهٗ وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُهٗ“ ترجمو: اي الله پاڪ! اسين تنهنجي پناهہ گهرون ٿا ان کان تہ ڄاڻي ڪري اسين توسان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ اسين ان کان استغفار (توبهہ) ٿا ڪريون جنهن کي نٿا ڄاڻون.

(مسند امام احمد، 146/7، حديث: 19625۔ ملفوظاتِ اعلٰي حضرت، ص 311 )

﴿4﴾ بِسْمِ اللهِ عَلٰى دِيْنِيْ بِسْمِ اللهِ عَلٰى نَفْسِيْ وَوُلْدِيْ وَاَهْلِيْ وَمَالِيْ (”الله پاڪ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد ۽ اهل ومال جي حفاظت ٿئي) صبح ۽ شام

تي تي ڀيرا پڙهو، دين، ايمان، جان، مال ۽ ٻچا سڀ محفوظ رهندا.

(شجره قادِريه رضويه، ص 12)

(سج لهڻ کان صبح صادق (پره ڦٽي) تائين رات ۽ اڌ رات گذرڻ کان سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين صبح آهي.)

## گناهن جي بخشش

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

جيڪو شخص هيءُ ورد پڙهندو آهي ان جا گناهه بخشيا ويندا آهن جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.

(مسند امام احمد بن حنبل، ج. 2، ص. 662، حديث 6977)

## چار ڪروڙ نيڪيون ڪمايو

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ اِلٰهًا وَّاحِدًا اَحَدًا

صَمَدًا لَّمْ يَتَّخِذْ صَاحِبَةً وَّ لَا وَلَدًا وَّ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ

**حضرت تميم داري** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عالي شان آهي ته جيڪو هي ڪلمات ڏهه ڀيرا چوي، اهڙي ماڻهو لاءِ چار ڪروڙ نيڪيون لکيون وينديون آهن. (ترمذي، ج. 5، ص. 289، حديث 3484)

## شيطان کان بچڻ جو عمل

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

**حضرت ابوهريره** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان

عاليشان آهي: ”جنهن هي ڪلمات ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا چيا ته ان جو اهو عمل ڏهه غلام آزاد ڪرڻ جي برابر هوندو ۽ ان جي اعمالنامي ۾ سؤ نيڪيون لکيون وينديون ۽ سندس سؤ گناهه معاف ڪيا ويندا ۽ اهي ڪلمات انهيءَ ڏينهن شام تائين شيطان کان سندس حفاظت ڪندا رهندا ۽ ڪوبه شخص ان کان بهتر عمل ڪٽي ڪونه ايندو پر اهو جنهن ان کان وڌيڪ اهو عمل ڪيو.“
(بخاري، ج. 2، ص. 402، حديث 3293)

## غيبت کان بچڻ جو مدني نسخو

**حضرت علامہ مجدالدين فيروز آبادي** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ **کان نقل آهي**: جڏهن ڪنهن مجلس **(يعني ماڻهن ۾)** ويهو ته چئو: بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ ته الله پاڪ توهان تي هڪ فرشتو مقرر فرمائيندو جيڪو اوهان کي غيبت کان روڪي رکندو ۽ جڏهن مجلس کان اٿو ته چئو: بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ ته اهو فرشتو ماڻهن کي اوهان جي غيبت کان روڪي رکندو. (القول البديع، ص. 278)

## پنج مدني گل

**حضرت** عبد الله بن عَمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن جو ارشادِ سعادت بنياد آهي: پنج عادتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن ڪو انهن کي اختيار ڪري وٺي ته دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت مند ٿي وڃي. ﴿1﴾ وقت به وقت ”لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم“چوندو رهي. ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئي **(مثال طور بيمار ٿئي يا ڪو نقصان ٿئي پوي يا پريشانيءَ جي خبر پڌي)** ته ”اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّاۤ اِلَیۡہِ رٰجِعُوۡنَ“ پڙهي. ﴿3﴾ جڏهن نعمت

مليس تہ شڪراني ۾ ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ“ چوي. ﴿4﴾ جڏهن ڪنهن **(جائز)** ڪم جي شروعات ڪري تہ ”بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم “ چوي. ﴿5﴾ جڏهن گناهہ ڪري ويهي تہ هيئن چوي ”اَسْتَغْفِرُ اللّٰہَ الْعَظِیْمَ وَاَتُوْبُ اِلَیْہِ“ (يعني مان عظمت واري الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪندي ان ڏانهن توبهہ ڪريان ٿو.)

(المنبهات، ص. 57)

## جادوءِ بلائن (آفتن) ڪان حفاظت لاءِ شش قفل (ڇهہ تالا)

**هن ڇهہ دعائن کي ”شش قفل“** (يعني ڇهہ تالا) چوندا آهن، جيڪو شخص رات جو سدائين ”شش قفل“ پڙهندو رهي يا لکي ڪري پاڻ وٽ رکي تہ هو هر خوف ۽ خطري کان ۽ جادو کان ۽ هر قسم جي بلائن (آفتن) کان اِنْ شَآءَاللّٰہ محفوظ رهندو. (جنتي زيورص582)

### قفل اول

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم بِسۡمِ اللّٰہِ السَّمِیۡعِ الۡبَصِیۡرِ الَّذِیۡ

لَیۡسَ کَمِثۡلِہٖ شَیۡءٌ وَّ ھُوَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ

### قفل دوم

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم بِسۡمِ اللّٰہِ الۡخَلَّاقِ الۡعَلِیۡمِ الَّذِیۡ

لَیۡسَ کَمِثۡلِہٖ شَیۡءٌ وَّ ھُوَ الۡفَتَّاحُ الۡعَلِیۡمُ

### قفل سوم

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم بِسۡمِ اللّٰہِ السَّمِیۡعِ الۡبَصِیۡرِ الَّذِیۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَیۡءٌ وَّ هُوَ الۡعَلِيۡمُ الۡبَصِيۡرُ

## قفل چهارم

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بِسۡمِ اللهِ السَّمِيۡعِ الۡبَصِيۡرِ الَّذِیۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَیۡءٌ وَّ هُوَ الۡغَنِیُّ الۡقَدِيۡرُ

## قفل پنجم

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بِسۡمِ اللهِ السَّمِيۡعِ الۡبَصِيۡرِ الَّذِیۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَیۡءٌ وَّ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفُوۡرُ

## قفل ششم

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بِسۡمِ اللهِ السَّمِيۡعِ الۡبَصِيۡرِ الَّذِیۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَیۡءٌ وَّ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفُوۡرُ الۡحَكِيۡمُ

فَاللهُ خَيۡرٌ حَافِظًا وَّ هُوَ اَرۡحَمُ الرَّاحِمِيۡنَ

## نماز کانپوءِ پڙهيا ويندڙ ورد

**نماز کانپوءِ** جيڪي ڏڳها ورد حديثن ۾ فرمايا ويا، اُهي ظهر ۽ مغرب ۽ عشاء جي سنتن کانپوءِ پڙهجن، سنت کان پهريان مختصر دعا تي قناعت ڪجي، نہ تہ سنتن جو ثواب گهٽجي ويندو.

(رد المحتار، 2/300۔ بہارِ شريعت، 1/539، حصہ: 3)

**احاديث مبارڪ** ۾ڪنهن بہ دعا جي متعلق جيڪو تعداد ڄاڻايل آهي ان کان گهٽ وڌ نہ ڪجي چوتہ جيڪي فضائل انهن وردن جا آهن اهي

مقرر ڪيل تعداد سان ئي مخصوص آهن هن ۾ گهٽائڻ يا وڌائڻ جو مثال ائين آهي جيئن ڪو تالو ڪنهن خاص قسم جي چابيءَ سان کلندو آهي تہ جيڪڏهن چابيءَ جا ڏندا گهٽ يا وڌيڪ ڪريو تہ تالو ڪونہ کلندو، پر هاڻي جيڪڏهن ورد جي ڳڻپ ۾ شڪ پئجي وڃي تہ وڌيڪ ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو وڌائڻ ناهي بلڪ مڪمل ڪرڻ آهي (رد المحتار، 302/2- بہارِ شريعت، 539/1، حصہ: 3)

**پنج وقت** نماز جي سنتن ۽ نفلن کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڏنل ورد پڙهي ونو **سهولت لاءِ نمبر ضرور ڏنا آهن** پر انهن ۾ ترتيب شرط ناهي هر ورد جي اول ۽ آخر درود شريف پڙهڻ مڪڻ ۾ ماڪي برابر آهي.

﴿1﴾ "**آيةُ الكرسي**" هڪ هڪ ڀيرو پڙهندو رهڻ وارو مرندي ئي جنّت ۾ داخل ٿيندو. (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 197، حديث 974)

﴿2﴾ اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ

(اي الله پاڪ تون پنهنجي ذڪر، پنهنجي شڪر ۽ پنهنجي سٺي عبادت ڪرڻ تي منهنجي مدد فرماءِ). (ابي داؤد، ج. 2، ص. 123، حديث 1522)

﴿3﴾ اَسْتَغْفِرُ اللهَ الَّذِىْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ

(ترجمو: مان الله پاڪ کان معافي گهران ٿو/ ٿي، جنهن ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي هو زنده آهي، قائم رکڻ وارو آهي ۽ ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريان ٿو / ٿي.)

(ٿي ٽي ڀيرا) ان جا گناهہ معاف ٿيندا جيتوڻيڪ جهاد جي ميدان کان ڀڳو هجي. (ترمذي، ج. 5، ص. 336، حديث 3588)

﴿4﴾ تسبيح فاطمه رضی اللہ عنہا: سُبْحٰنَ اللهِ ٽيٽيهه ڀيرا، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ٽيٽيهه ڀيرا، اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٽيٽيهه ڀيرا، اهي 99 ٿيا، آخر ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ؕ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

ترجمو: الله پاڪ کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي هو بي مثل اڪيلو آهي، سندس ڪو شريڪ ڪونهي، انهيءَ جو ملڪ آهي، انهيءَ جي واکاڻ آهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي) هڪ ڀيرو پڙهي **(سو جو عدد پورو ڪري)** تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.

**﴿5﴾ هر نماز کانپوءِ پيشانيءَ جي اڳين حصي تي هٿ رکي پڙهي:**

بِسْمِ اللهِ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ؕ اَللّٰهُمَّ اَذْهِبْ عَنِّی الْهَمَّ وَ الْحُزْنَ

**(ترجمو:** اللّٰه پاڪ جي نالي سان شروع جنهن کانسواءِ ڪوئي معبود ناهي هو رحمٰن ۽ رحيم آهي. اي اللّٰه پاڪ مون کان غم ۽ ملال دور فرماءِ)

(پڙهڻ کانپوءِ هٿ چڪي پيشانيءَ تائين آڻي) تہ هر غم ۽ پريشانيءَ کان بچي. منهنجا آقا **اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهہ احمد رضا خان** رحمۃ اللہ علیہ جاڏايل دعا جي آخر ۾ وڌيڪ هنن لفظن جو اضافو فرمايو آهي. ”وَعَنْ اَهْلِ السُّنَّة“ **يعني ۽ اهل سنت کان.**

﴿6﴾ عصر ۽ فجر کانپوءِ پير بدلائڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ ڳالهائڻ کان پهريان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ **(ترجمو: اللّٰه پاڪ** کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ ملڪ ۽ واکاڻ آهي، انهيءَ جي هٿ ۾

پلائي آهي هو زندهہ ڪندو آهي ۽ موت ڏيندو آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.) ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهجي. (بہارِ شريعت، 539/1، حصہ: 3)

﴿7﴾ **حضرت** انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيعِ امت شهنشاهِ نبوت، **تاجدارِ رسالت** صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو”جنهن نماز کانپوءِ هيئن چيو: سُبۡحٰنَ اللہِ الۡعَظِيۡمِ وَبِحَمۡدِہٖ لَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّۃَ اِلَّا بِاللہِ (**ترجمو**: پاڪ آهي عظمت وارو رب ۽ انهيءَ جي ئي واکاڻ آهي ۽ انهيءَ جي عطا سان نيڪيءَ جي توفيق ۽ گناهہ کان بچڻ جي قوت (ملندي) آهي. تہ اهو مغفرت ماٽيندڙ تي اٿندو. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 129، حديث 16928)

﴿8﴾ **حضرت ابن عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو هر فرض نماز کانپوءِ ڏهہ ڀيرا قُلۡ هُوَاللہُ اَحَدٌ (پوري سورت) پڙهندو، الله پاڪ انهيءَ لاءِ پنهنجو راضپو ۽ مغفرت لازم فرمائي ڇڏيندو.“ (تفسير در منثور، پ30، الاخلاص، تحت الآية: 1، 678/8)

(9) **حضرت زيد بن ارقم** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي نبين جي سلطان محبوب رحمٰن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ

سُبۡحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الۡعِزَّۃِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَی الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۸۲﴾

(پ 23 الصفت 180 کان 182) **ترجمو ڪنزالعرفان**: تنهنجو رب عزت وارو هنن تمام ڳالهين کان پاڪ آهي جيڪي اهي بيان ڪن ٿا. ۽ رسولن تي سلام هجي. ۽ سڀ تعريفون ان الله جي لاءِ آهن جيڪو تمام جهانن جو

پالڻھار آھي.) ٿي پيرا پڙھندو جڻ تہ ان اجر جو تمام وڏو ثانءُ پري ورتو. (تفسير در منثور، 23، الصّٰفّٰت، تحت الآية: 180، 141/7)

## منٽن ۾ چار پيرا ختم قرآن پاڪ جو ثواب

**حضرت ابوھريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آھي مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان حقيقت نشان آھي. "جيڪو فجر ڪانپوءِ ٻارھن پيرا قُلْ ھُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ **(پوري سورت) پڙھندو جڻ ھو چار پيرا پورو قرآن پڙھندو ۽ ان ڏينھن سندس اھو عمل زمين وارن مان افضل آھي جڏھن تہ ھو تقويٰ (پرھيزگاري) جو پابند رھي.** (شعب الايمان، 501/2، حديث: 2528)

## شيطان کان محفوظ رھڻ جو عمل

**سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آھي: جنھن نماز فجر ادا ڪئي ۽ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ کان اڳ قُلْ ھُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ **(پوري سورت)** ڪي ڏھ پيرا پڙھيو تہ ان ڏينھن ۾ ڪيس ڪوبہ گناھ نہ پھچندو ۽ ھو شيطان کان بچايو ويندو. (تفسير در منثور،پ 30، الاخلاص تحت الآية: 1، 678/8)

نماز کان پوءِ جا وڏيڪ وِرد **مڪتبة المدينہ** جي ڇاپيل ڪتاب بھار شريعت حصي 3 صفحي 107 کان 110 تي **الوظيفة الڪريمہ** ۽ شجره قادريہ ۾ ملاحظ فرمائيندا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net